# سنڌ آرڊيننس نمبر XVIII مجريه 2001

# SINDH ORDINANCE NO.XVIII OF 2001

# سنڌ جهنگلي جيوت جو تحفظ (ٻي ترميم) آرڊيننس، 2001

# THE SINDH WILD LIFE PROTECTION (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1972 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعه 14 جي ترميم
Amendment of section 14 of Sindh Ordinance No.V of 1972

3. 1972 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعه 15 جي ترميم
Amendment of section 15 of Sindh Ordinance No.V of 1972

# سنڌ آرڊيننس نمبر XVIII مجريہ 2001

# SINDH ORDINANCE NO.XVIII OF 2001

# سنڌ جهنگلي جيوت جو تحفظ (ٻي ترميم) آرڊيننس، 2001

# THE SINDH WILD LIFE PROTECTION (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

[1 جون 2001]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ آرڊيننس، 1972 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ آرڊيننس، 1972 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن تہ گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو

آهي:

| | |
|---|---|
| 1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ (ٻي ترميم) آرڊيننس، 2001 سڏيو ويندو.<br>(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو. | مختصر عنوان ۽ شروعات<br>Short title and commencement |
| 2. سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ آرڊيننس، 1972 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڄاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 14 جي ذيلي دفعہ (3 جي ٻئي شرطيہ بيان ۾، آخر ۾ اينڊڙ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون نئون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو:<br>"بشرطيڪ اهو بہ تہ هي ذيلي دفعہ جهنگلي جيوت جي علائقي ۾ تيل ۽ گئس ڳولڻ ۽ پيداوار سان لاڳاپيل ڪمن تي لاڳو نہ ٿيندي، جيڪو ماحولياتي اثر جي معائني لاءِ هوندو، جيئن پاڪستان ماحولياتي تحفظ ايڪٽ، 1997 (1997 جو ايڪٽ، XXXIV) ۾ بيان ڪيو ويو آهي.". | 1972 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعہ 14 جي ترميم<br>Amendment of section 14 of Sindh Ordinance No.V of 1972 |
| 3. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 15 جي ذيلي دفعہ (4) ۾، شرطيہ بيان جي ٻي ترميم ۾، آخر ۾ اينڊڙ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون نئون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو:<br>"بشرطيڪ اهو بہ تہ هي ذيلي دفعہ نيشنل پارڪ ۾ تيل ۽ گئس ڳولڻ ۽ پيداوار سان لاڳاپيل ڪمن تي لاڳو نہ ٿيندي، جيڪو ماحولياتي اثر جي معائني لاءِ هوندو، جيئن پاڪستان ماحولياتي تحفظ ايڪٽ، 1997 (1997 جو ايڪٽ، XXXIV) ۾ بيان ڪيو ويو آهي.". | 1972 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعہ 15 جي ترميم<br>Amendment of section 15 of Sindh Ordinance No.V of 1972 |

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي**